قدير احمد ڪانڌڙو

# شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ انسان دوستيءَ جو تصور

# CONCEPT OF HUMANISM IN SHAIKH AYAZ'S POETRY

ABSTRACT

Sheikh Ayaz is the pioneer of the modern Sindhi poetry, his poetry Philosophically treats to all instincts of human being. Ayaz is poet of person and person's wishes, willing, desires, joys, pain and pathos. He keeps humanistic approach in all angles. Ayaz is the preacher of humanity and love with human being. He is of the views; that the most important creation in this world is `human being` and love with human being is the super-valued aspect of humanity. For Ayaz; prominent writer and thinker Siraj writes, '*There is another aspect of Shaikh Ayaz which is equally important and that is the social and philosophical content of his poetry. He was a thorough bred* radical *humanist, a socialist in the Fabian tradition and a nationalist in the tradition of all great antagonists of imperialism and colonialism*.'

In this research article, it has been tried to excavate the humanism from the poetry of Sheikh Ayaz. We have come to know that `humanism` is the central theme of Ayaz's poetry. He never forgets the human being living on other than the soil of Sindh. Apart from nationalism his poetry is the voice of humanity. No doubt Sheikh Ayaz was the great poet of Sindhi language whose poetry is document of humanism.

قدرت جي تخليق مان انسان خوبصورت ترين تخليق آهي، هو پنهنجي عقل جي آڌار ٻين ساهوارين شين کان وڌيڪ فضيلت وارو سڏيو ويو آهي. چاڪاڻ تہ انسان ۾ خواهشن جا انبار بہ آهن تہ انسان انهن خواهشن کي قربان ڪرڻ جو جوهر پڻ رکي ٿو، ان ڪري بہ کيس وڌيڪ فضيلت وارو سڏيو ويو آهي.

”انسان هڪ سوچيندڙ جانور آهي، ۽ سندس دماغ مادي جي ارتقا جي انتهائي باترتيب شڪل آهي، جنهن ڪري (هو) فطرت ۾ موجود هر شئي ۽ هر موقعي جي باري ۾ سوچي سگهي ٿو.“ (1)

نالیواري ڏاهي ممتاز حسين پنهنجي هڪ مقالي ۾ انسان بابت تمام گهڻي

تفصيل سان لکيو آهي، هو لکي ٿو ته،

"جيڪڏهن اوهان کان پڇيو وڃي ته "انسان ڇا آهي"، ته شايد اوهان لاءِ جواب ڏيڻ ڏکيو ٿي پوي؛ ڇاڪاڻ جو انسان پاڻ ئي هڪ اهڙي ڪائنات آهي، جنهن جي نه حد آهي ۽ نه حساب: سندس وسعت گذريل لکن سالن جي تاريخ کان وٺي آئيندي جي اڻ ڳڻين صدين تائين پکڙيل آهي؛ سندس مکيه ڪارنامن ۾، نه رڳو گذري ويل هزارن سالن جون تهذيبون، علم ۽ هنر، صنعت ۽ ڪاريگري ۽ هلندڙ وقت جون ايجادون ۽ کوجنائون ليکجن ٿيون، پر ان ۾ خود سندس تخليق به اچي وڃي ٿي، جا سڄيءَ خلقت ۾ سيني کان وڏيڪ سونهن ڀري ۽ اڻ فنا ٿيندڙ آهي. پر جهڙيءَ طرح هو پاڻ هڪ وڌندڙ ۽ ويجهندڙ ڪائنات آهي، تهڙيءَ طرح سندس "سونهن جو تصور" به ارتقا پذير آهي: انسان هڪ فلسفيانه تصور آهي انهيءَ محسوس حقيقت ۽ انهيءَ "نوع انسان" جو، جيڪو فطرت کان پنهنجي مرضيءَ موجب مطيع ڪندو رهي ٿو.

"فطرت جي برخلاف جدوجهدڪندي ئي، انسان کي سندس صحيح صورت ۾ ڏسي ۽ سمجهي سگهجي ٿو!" (2)

انسان جو سڄو اڳيون رڪارڊ ۽ سائنس جون مڙئي تحقيقون اهو ڏيکارين ٿيون ته هن ترقيءَ جا هي سپيئي هٿيار ۽ پنهنجي نفسياتي زندگيءَ جو سمورو سوز و گداز، آهستي آهستي پنهنجي مادي تخليقن جي وسيلي سان پاڻ ئي پيدا ڪيو. انسان انهيءَ معني ۾ تحقيق پنهنجو خالق آهي. اهي سپيئي شيون جن کي گڏي اسين انسانيت چئون ٿا، سي سندس ئي خلقيل آهن ۽ انهن جي خلقڻ ۽ پيدا ڪرڻ ۾ کيس وڏي ڪوشش ۽ محنت ڪرڻي پيئي آهي. انهيءَ ۾ شڪ ناهي ته انسان فطرت جو هڪڙو ڀاڱو آهي ۽ سندس روحاني زندگي فطرت جي هنج مان ڦٽي آهي- پر جهڙيءَ طرح اسين هر هڪ ساهه واري کي ماٺهو نٿا چئون، تهڙيءَ طرح اسين انسان کي رڳو انهيءَ بنياد تي فطرت جي تخليق ڪونه چونداسين، جو هو محض سندس هنج ۾ پليو ۽ وڏيو آهي. فطرت جو هٿ سندس صورت، هانيءَ ۽ سندس حيواني روح جي خلقڻ ۾ ضرور موجود آهي، پر سندس سمجهه ۽ سياڻپ، فضيلت ۽ تهذيب جي ڏئي کي فطرت نه، پر هن پاڻ پنهنجن هٿن سان ٻاريو آهي. هن پاڻ پنهنجو رت وٽو ڏيئي، محنت ڪري، پٿرن کي گهڙي، ڌاتن کي ڳاري ۽ تجربا ڪري، اهو چراغ روشن ڪري ڏيکاريو آهي. يا هن بيان مان به واضح ٿئي ٿو ته انسان اوائلي دور ۾ ڪيترو نه جاکوڙيو هوندو.

"انسان پنهنجي حياتيءَ جي اوائلي دؤر ۾ جانورن ۽ ڇڙوڇڙ ڳبڙن واري زندگي گذاريندو هو. سندس ڳالهائڻ ٻاتو ۽ منجهيل هو. اهو هڪ درجي بدرجي وڌندڙ عمل جو نتيجو آهي، جو هن معني واري ٻولي پيدا ڪري ورتي. هو انهيءَ دؤر ۾ حياتيءَ جي مڙني سهوليتن کان محروم هو. باهه، اوڇڻ ۽ اجهي کان سواءِ گهاريندو

هو. ڪاڏو پچائڻ ڪونه ايندو هوس، ۽ جيئن تہ ڪاڏي ڪي آئيندي لاءِ بچائي رکڻ جو عقل ڪونہ هوس، تنهنڪري سندس غذا جو ذخيرو سياري جي شدتن ۾ تباهہ ٿي ويندو هو. هي بہ انهن ئي تلخ تجربن جو نتيجو هو، جو هن غارن ۽ چرن ۾ رهڻ ۽ پنهنجي غذا کي بچائي رکڻ سکيو. ان ڪان پوءِ هن آهستي آهستي باهہ، هنر ۽ فن ڳولي لڌا. اهڙيءَ طرح وڏيءَ مدت ڪان پوءِ هو انهيءَ رتبي تي پهتو، جيڪو هڪڙي اعليٰ صلاحيت واري ساهواري کي ملي سگهيو ٿي: هاڻي هن وٽ خالي هٿن ۽ زبان کان سواءِ اهڙو دماغ پڻ هو، جو سندس مقصدن کي پورو ڪري ٿي سگهيو.“ (4)

اهڙي طرح انسان پنهنجي وجود جي بقا کي ميجائڻ لاءِ الائي تہ ڪيترو پوڳيو ۽ پاڻ ڦرايو آهي، پر اها حقيقت اڄ عالم آشڪار آهي تہ انسان پنهنجو وجود مڃائي هن ڪائنات ۾ پاڻ لاءِ مرڪزي حيثيت حاصل ڪري ورتي آهي.

علم جي بنياد تي انسان پاڻ پنهنجي حيثيت مڃائڻ لاءِ ڪيترائي فلسفا ۽ خيال جوڙيا ۽ انهن جو توڙ پڻ پيش ڪندو رهيو. پر پنهنجي حيثيت جي برتري مڃائڻ لاءِ انسان جيڪو سڀ کان پهريون فلسفو متعارف ڪرايو اهو انسان دوستيءَ جو ئي فلسفو آهي. هونئن تہ انسان دوستيءَ جو تصور انسان جيترو ئي اوائلي آهي، پر بحيثيت فلسفي جي انسان دوستيءَ جو فلسفو نئين جاڳرتا واري دور جي پيداوار آهي. انسان دوستيءَ جي لاءِ چيل آهي تہ،

“Humanism is a broad category of ethical philosophies that affirm the dignity and worth of all people, based on the ability to determine right and wrong by appeal to universal human qualities—particularly rationality. It is a component of a variety of more specific philosophical systems and is incorporated into several religious schools of thought. Humanism entails a commitment to the search for truth and morality through human means in support of human interests. In focusing on the capacity for self-determination, Humanism rejects the validity of transcendental justifications, such as a dependence on belief without reason, the supernatural, or texts of allegedly divine origin. Humanists endorse universal morality based on the commonality of the human condition, suggesting that solutions to human social and cultural problems cannot be parochial.”

يعني ”انسان جڏهن پنهنجي وجود تي سوچڻ شروع ڪيو تہ هن کي پاڻ جهڙن ٻين انسانن سان پيار ٿيو ۽ هن انهن جي ضرورتن ۽ مسئلن تي پڻ سوچڻ شروع ڪيو. انسان دوستيءَ جي فلسفي جو اصل محور آهي ئي اهو تہ ڪهڙيءَ طرح انسان ذات جي واڳيل مسئلن کي حل ڪرڻو آهي ۽ ڪهڙيءَ طرح انسانذات جي ڀلي لاءِ ڪجهہ ڪري سگهجي ٿو. انسان دوستيءَ جي فلسفي جو لاڳاپو جيئن تہ انساني وجود سان جڙيل آهي انڪري گهڻن وجودي فيلسوفن خاص طور سارتر جو چوڻ آهي

تہ، ”وجوديت ئي اصل ۾ انسان دوستي آهي.“ (5) ڊاڪٽر شير مهراڻي پنهنجي هڪ مقالي ۾ لکي ٿو تہ،

جڏهن انسان کي پنهنجي هجڻ جو احساس ٿيو تہ هن پنهنجي وجود کي سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪئي. هن پاڻ کان سوال ڪيو تہ ڪيس ڇا ڪرڻ گهرجي؟ سندس ان سوال ۾ اهو امر بهرحال موجود هو تہ هو ڪجهہ ڪري سگهي ٿو. پاڻ سڃاڻڻ لاءِ مختلف مرحلن مان گذري فرد پنهنجي سمجهہ ۽ ڏاهپ جي آڌار پنهنجو وجود يا ”موجود هجڻ“ طئي ڪري ورتو. ساڳي مقالي ۾ سارتر جي حوالي سان لکيل آهي تہ سارتر ان حوالي سان ٽي قسم ڏسي ٿو. Being in it self, Being with it self ۽ Being other than it self جن مان وجود بالذات (Being in it self) تہ ٻيو شيون بہ رکن ٿيون، پر انهن کي سندن وجود جو احساس ناهي، اهو احساس صرف Being with it self سان ممڪن آهي، جيڪو صرف انسان وٽ آهي. انسان بيشڪ آزاد آهي پر هو پاڻ کانسواءِ ٻين وجودن جي موجودگي ۾ مڪمل آزاد ناهي. سارتر چواڻي ”بيهودگي“ (Vulgarity) هڪ اهڙو احساس آهي جيڪو صرف ٻين جي موجودگيءَ (being other than it self) ۾ ٿيندو آهي، يعني انسان جڏهن بہ ٻين (وجودن/پاڻ جهڙن انسانن) جي سامهون نامناسب سمجهيو ويندڙ عمل ڪري ٿو تہ کيس ائين ڪرڻ ۾ لڄ ايندي. فرد لچارو صرف ٻين جي سامهون ٿيندو آهي پاڻ کان لڄ اچڻ صرف شاعراڻو استعارو آهي. ٻيءَ صورت ۾ وجوديت ڪنهن بہ قسم جي جبريت ۽ تقديريت جي حق ۾ ناهي. وجودين جي سامهون انساني وجود ئي سڀ ڪجهہ آهي. سندن چوڻ آهي تہ انساني ڪائنات کانسواءِ ڪابہ ڪائنات ناهي، ۽ اهائي اصل ۾ انسان دوستي آهي. جنهن تحت هو انسان کي باور ڪرائين ٿا تہ انسان کانسواءِ ڪوبہ سندس لاءِ قانون نٿو جوڙي سگهي.“ (6)

نالي وارو ڏاهو محمد ابراهيم جويو صاحب لکي ٿو تہ،

”انسان جي بقا جو راز، انسانيت جي احترام ۾ آهي. جيسيتائين ساري دنيا جون تعليمي قوتون، پنهنجو سارو ڌيان انسانيت جي احترام ڏانهن نہ ڪنديون، تيسيتائين هيءَ دنيا بدستور درندن ۽ حيوانن جي بستي ٿي رهندي.“ (7)

جديد سنڌي ادب جو سر موڙ شاعر شيخ اياز سنڌي شاعري ۾ هڪ اهڙي يو ٽرن جي حيثيت رکي ٿو، جنهن ڪانپوءِ شاعريءَ جو مزاج ئي تبديل ٿي ويو. هن انسان ۽ انسان جي گهرجن ۽ جذبن کي پنهنجي شاعريءَ ۾ جڳهہ ڏني. سندس شاعريءَ ۾ اها قوت ۽ سچائي هئي جو هن پاڻ کان پوءِ ايندڙ شاعرن کي ساڳي گس تي هلڻ لاءِ مجبور ڪيو. اهو سندس ٻولي ۽ ادب ڏانهن سنجيدو رويو هيو جو هن سنڌي ادب کي پنهنجن شعرن سان سينگاري ڇڏيو.

شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ هر اهو عنصر موجود آهي جنهن ۾ انسان جي

آجپي، پلي، اميد، عشق ۽ اتساهہ جو ذڪر آهي. هن جي شاعريءَ ۾ اشتراڪيت بہ آهي تہ انسان دوستي پڻ سندس شاعريءَ ۾ اوس موجود آهي. هڪ پاسي سندس شاعريءَ ۾ وطن دوستي جو عنصر وڏي پيئماني تي موجود آهي تہ ٻئي پاسي رومانيت پڻ سندس شاعريءَ جو اهم جز آهي. هو پنهنجي دور جو بهترين عڪاس ۽ نقاش شاعر آهي. چاڪاڻ تہ سندس شاعري جي شروعاتي دور کان ويندي آخر تائين سنڌ سميت ننڍي کنڊ ۾ جيڪي حالتون موجود رهيون هن انهن کي آرٽسٽڪ طريقي سان گڏ فيلسوفياڻي انداز سان بيان ڪيو. هن جي شاعري بنيادي روين ۽ قدرن جي شاعري آهي.

سندس شاعريءَ جا ٽي اهم جز يعني اشتراڪيت، انسان دوستي ۽ وطن پرستي اهم ترين جز آهن، جن لاءِ سندس نقادن جو چوڻ آهي تہ انهن بنيادي جزن کي انٽرپريٽ ڪرڻ ۾ سندس شعوري ڪوشش جو عمل و دخل آهي ۽ ان جي پنيان هڪ وڏو پس منظر پڻ موجود آهي. جامي چانڊئي موجب، .” اياز جنهن دور ۾ پنهنجي شاعريءَ جي ابتدا ڪئي تہ ان وقت ٻي مهاڀاري لڙائي پنهنجي حشر سامانين سميت ختم ٿي چڪي هئي. هن جنگ ۾ پهريون ڀيرو ايٽم بم جو استعمال ڪيو ويو. ٻئي طرف غير منقسم هندستان ۾ آزاديءَ جي تحريڪ پنهنجي جوڀن تي هئي ۽ سنڌ بمبئي کان آزاد هڪ عليحده پرڳڻي جي حيثيت ۾ موجود هئي. اشتمالي انقلاب پنهنجا پير پختا ڪري چڪو هو ان جي لهر پوريءَ دنيا کي پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي ڇڏيو هو. ان ڪري هندستان جا اديب ۽ شاعر بہ ان جي اثر کان بچيل ڪونہ رهيا. ايتري قدر جو 1935ع ۾ ترقي پسند اديبن هڪ انجمن جو بنياد رکيو. جنهن کي ’انجمن ترقي پسند مصنفين‘ جي نالي سان موسوم ڪيو ويو. ۽ ان جا مقاصد ۽ منشور ڇپائي پڌرا ڪيا ويا. ان وقت سنڌي ٻوليءَ ۾ صرف چند اهڙا شاعر هئا، جيڪي سڌيءَ طرح سماجوادي فڪر ۽ اشتماليت جي اثر هيٺ شاعري ڪرڻ لڳا. اهڙن شاعرن ۾ نارائڻ شيام، ڪيئلداس فاني ۽ شيخ اياز شامل آهن.“ (8)

شيخ اياز انسان دوستي کي وڏي ڪئنواس تي بيان ڪري ٿو. پر اها انسان دوستي يورپ جي انسان دوستي کان بنهہ مختلف آهي. چاڪاڻ تہ يورپ ۾ خاص طور سارتر جي انسان دوستي جنهن کي هن وجوديت سان هم آهنگ ڪري بيهاريو آهي. ۽ انسان جي وجود کي خدا جي وجود جي بدران ڪائنات جو مرڪز ڄاڻايو آهي. پر شيخ اياز جي انسان دوستي پڙهندڙ کي عام انسانن جي مسئلن ڏانهن متوجہ ڪري ٿي ۽ سندس ان رويي سبب هو سنڌي ادب ۾ ترقي پسندانہ نظرين سان گڏ انسان دوستيءَ جو علمبردار بڻجي ٿو. چاڪاڻ تہ سندس انسان دوستي ڌرتي ۽ ڌرتيءَ واسين جي جي حوالي سان آهي، جنهن ۾ سڀ ڌرتيءَ جايا، سواءِ رنگ روپ، نسل، زبان ۽ مذهب جي ’انسان‘ جي دائري ۾ اچن ٿا ۽ انهن جا ڏک درد، شاعر جا

پنهنجا ڏک درد ٿي وجن ٿا. 'اياز' هڪ هنڌ چوي ٿو:

اڄ تہ چئي ڏي، اڄ تہ چئي ڏي، اڄ تہ علي الاعلان،
منهنجو ڪوئي ديس نہ آهي، منهنجو ديس جهان
منهنجو ڪوئي نانءُ نہ آهي، مان آهيان انسان.

هڪ ٻئي شعر ۾ 'اياز' ڌرتيءَ جي حوالي سان ان ڳالهہ جي اجا چٽي وضاحت ڪري ٿو، "انسان جو ڪو بہ ديس نہ آهي. سندس ديس سموري ڌرتي آهي.سموري ڌرتيءَ ڏانهن اشارو ڪري، 'اياز' International Brotherhoodجي ڳالهہ ڪري ٿو ۽ پاڻ کي ڪنهن هڪ قوميت سان وابستہ نہ ٿو رکي ۽ انسان مٿان انسان جي جبر و تشدد جي هيئن مذمت ڪري ٿو." (9)

او انسان!
او انسان!
ڪنهن کي ٿو مارين!
هيءُ ماڻهوءَ جو ٻچڙو آهي.
هيءُ جو پٽر ڪان ڏاڍو آ،
ڪؤنپل ڪان پيي ڪچڙو آهي،
او حيوان!
او حيوان!
ڪنهن کي ٿو مارين!
هن جو تو سان وير بہ ڪهڙو،
هن جو ديس بہ ساڳي ڌرتي،
هيءُ بہ تہ ماڻهو آ تو جهڙو!
او نادان!
او نادان!
ڪنهن کي ٿو مارين!

هن کي انسان سان پيار آهي، ۽ انسان جي وحشيت سان چڙ آهي. هو انسان جي وحشت کي نندي ٿو. شيخ اياز چئي ٿو،

ترقي ٿي تهذيب اجا
ڪيڏو وحشي آ انسان.

شاعر هوئڻ بہ حساس طبيعت جا مالڪ هوندا آهن. شيخ اياز بہ جڏهن انسان تي ٿيندڙ ظلم ڏسي ٿو تہ بيچين ٿي ٿو وڃي ۽ اها بيچيني هو پنهنجن شعرن ۾ بيان ڪري ٿو. هو برملا چئي ڏئي ٿو.

ڪنهن تي جاتو اي انسان

توڪي ڪُهندو تنهنجو پاءُ

شيخ اياز جي انسان دوستيءَ ۾ آدمي ۽ آدميت سان پيار شامل آهي. ”هو انسان کي انسان سان وڙهڻ ڪي نفرت جي نگاهن سان ڏسي ٿو ۽ ان کي ماڻهپي جي اصولن جي خلاف سمجهي ٿو. هو انساني زندگيءَ جي نُمو پذير قوتن جو شيدائي آهي. هو ان جي برڪتن مان هر ڪنهن کي مستفيض ٿيڻ جو حق ڏئي ٿو. انسان دوستيءَ جا اهي جذبا ’اياز‘ جي تاريخي شعور جي عڪاسي ڪن ٿا. چاڪاڻ ته هو انساني زندگيءَ جي مصائب جو منظرنامو تاريخ جي تَهن ۾ ڏسي چڪو آهي.“[10]

هي قابيل!
هُو هابيل،
ساڳي ڪُک جا ٻئي رهواسي،
هڪڙو ٻئي جي رت جو پياسي!
توڪي مُصحف پڙهڻو آهي،
دور ستارن جي ڏاڪڻ تي،
جنت تائين چڙهڻو آهي.
يا هي سٿون ڏسو!

**اَچو، اَچو ته اِئين آسمان ڦيرايون**
ڪُنيَر چَڪيءَ تي نوان ٿانوَ ٿو جِئين جوڙي!
اچو ته اڳ ۾ رڳو آدميءَ کي بدلايون!
اچو، ڏڪار سندس جيءَ مان ڏڪارايون!
اچو ته پيار جا پهراڻ ڪيس پارايون!
گُلن جي ننڊ ڦٽائي، هوا ۾ ڪَر موڙي
بسنتَ هيرَ جيان گيت ڪي نوان ڳايون!
اَچو، اَچو ته اِئين آسمان ڦيرايون!

زندگي آ سَوين امڪان نه چاٽان چا ٿئي!
ڪيئن چئجي ته ڪڏهن مينهُن ٻنا ٻوڙ وَسي!
ٿا اَچن جڻ ڪيئي طوفان نه چاٽان چا ٿئي!
هي نئين دؤر جا انسان، نه چاٽان چا ٿئي!
جيڏا دانا تيڏا نادان، نه چاٽان چا ٿئي!
ايترو بغض متان نيٺ سندن مَتِ ڪسي!
تي وجن جنگ جو اعلان نه چاٽان چا ٿئي!
زندگي آ سَوين اِمڪان نه چاٽان چا ٿئي !

(چنڊ ڳليون، شيخ اياز)

نظم هجي يا اياز جو نثر انسان سان پيار جي ڳالهه سندس تحرير جو جهڙوڪر اهم ترين عنصر آهي. هتي اياز جي مشهور ڪتاب "جر ڏيئا جهمڪن" مان ڪجهه چونڊ ٽڪرا ڏجن ٿا جن مان شيخ اياز جي انسان دوستي بخوبي ظاهر ٿئي ٿي. هو لکي ٿو،

* هو ڇو ٿا ڏسڻ چاهن اُهي گهٽ ڳاڙها شعاع، گاما شعاع ۽ تابڪاري ڪرڻا جي (ڪائنات) ۾ پيهي وڃن ٿا؟ مشتري ۽ زهره تائين ڇو ٿا وڃڻ چاهن؟ هو اهي پراسرار شيون ڪُئاسر، پُلسر ۽ ڪارا سوراخ ڇو ٿا ڏسڻ چاهن؟ هو ڇو ڄاڻڻ چاهن ٿا ته ڪائنات ڪڏهن شروع ٿي؟ اها ڪيتري جهوني آهي؟ ٻئي ڪنهن هنڌ به زندگي آهي ڇا؟؟

*انسان جي ڄاڻ وڌائڻ لاءِ! ڇا انسان سڀ ڪجهه ڄاڻي سگهندو؟ هو اِن تي اَرب ڊالر ڇو وڃائي رهيا آهن؟ انسان سڀ ڪجهه ڄاڻي به ته ڇا، نه ڄاڻي به ته ڇا؟ ڇا هو رابيل جو گل ٽاهي سگهندو؟ هي سنسار ڪيترو نه اکٽ آهي، اٿاهه آهي، اَسَنيو آهي؟ پهرين ته اهو حاصل ڪيون ته ڪنهن به اک مان ڳوڙها نه وهن ۽ هر ڪنهن چپ تي مُرڪ هجي.

* پيار سڀ کان وڏي ڳالهه آهي. جي تون ڪنهن جي موت تي سڏڪا نه ڀَري سگهين، جي تُنهنجي دل وڇوڙي جي اَتِي ڏُک سان نه ڀرجي اَچي ته تو سڀ ڄاڻي به ڪجهه نه پاتو. موت کان فرار ناممڪن آهي ۽ زندگيءَ جو وڏي ۾ وڏو سهارو پيار آهي.

* محبت رڳو انسان سان ٿيندي آهي. خدا سان ته رڳو عقيدت ٿيندي آهي.

* اي خدا! منهنجون جهوليون پنهنجي پيار سان ايتريون ڀر جو مان اُهي ساري انسانذات کي ڏيان ته اُهي نه کُٽن، مون کي اُن لاءِ اهو هُد هُد بڻاءِ جو سليمان جا سبا کي پيغام پهچائيندو هو. مان جو تُنهنجو ٻانهو آهيان، مون کي ايتري آزادي ڏي جو دنيا جا آزاد ترين انسان اُن سان حسد ڪَن ۽ ڪَروبي به منهنجي ڪَن ۾ اچي چون ته "اسان کي پنهنجا پَرَ اُڌارا ڏي."

* اي خُدا! مون کي ڌڪار کان ڌڪار ڏي، مون کي بچان کان بچان ڏي، جيئن مان پوري انسانذات کي ڀاڪر ۾ ڀَري اُن کي چميون ڏيان ۽ اُن کان ڪڏهن نه ڇرڪان جئن عيسيٰ کي ڪنهن به ڪوڙهئي کان ڪِرڀ نه ايندي هئي.

(جر ڏيئا جهمڪن، شيخ اياز)

شيخ اياز جو فڪر تمام متاهون آهي. سندس فڪري نڪتن جو مرڪز انسان ۽ انسانذات ۽ انسان دوستي آهي. ملڪي حدن ۽ نظرياتي سرحدن کان سندس سوچ جو دائرو گهڻو اڳتي ۽ وڏين وکن سان اورانگهيل هو. سندس مشهور نظم سنگرام ان منظر نامي جو شاهد آهي.

هي سنگرام!
سامهون آ
ناراڻ شيام!
هي جنهنجا
قول بہ ساڳيا
ٻول بہ ساڳيا،
هو ڪوتا جو ڪاڪ ڏٽي، پر
منهن جا رنگ- رتول بہ ساڳيا
ڍٽ بہ ساڳيو،
ڍول بہ ساڳيو،
هانءُ بہ ساڳيو
هول بہ ساڳيا
هن تي ڪيئن بندوق ڪڻان مان!
هن کي گولي ڪيئن هڻان مان!
ڪيئن هڻان مان!
ڪيئن هڻان مان!
ڪيئن هڻان مان..!

مشهور براڊ ڪاسٽر ۽ اديب عنايت بلوچ، ”سامي سچ وڙاءُ“ ۾ شيخ اياز جي لاءِ لکي ٿو،

”شيخ صاحب يونيورسٽيءَ ۾ چارج وٺڻ شرط هڪ پريس بيان جاري ڪيو تہ هو بنيادي طور شاعر آهي ۽ هڪ شاعر انسان دوستيءَ کان سواءِ ٻي ڪا تمنا يا جذبو نٿو رکي. اها بہ انسان دوستي آهي تہ هٿي جي عزت ۽ احترام ڪجي ۽ ڪنهن کي بہ روبرو يا پرپٺ گهٽ وڌ نہ ڳالهائجي.“ (11)

شيخ اياز جي هڪ مشهور غزل مان ڪجهہ بند هتي ڏجن ٿا،

جا خدا کان نہ ٿي جا نہ امڪان ۾
ڪالهہ کان ڳالهہ آ هي ڪا انسان ۾
هو تہ مونکي چتا تي وني تي ويا
مينهن برسي پيو ڪالهہ شمشان تي
عشق تنهنجو اياز آهہ انسان سان
هو چون ٿا تہ تون ناهن ايمان ۾

مطلب تہ شيخ اياز جي شاعري انسان دوستيءَ جهڙي آفاقي جذبي سان سرشار آهي. هن وٽ انسان توڙي انسانذات لاءِ يڪسان درد موجود آهي ۽ هو سموريءَ

انسان ذات جي آجپي، سک، سڪون ۽ خوشحاليءَ جي ڳالهه ڪري ٿو. سندس انسان دوستيءَ ۾ مٽيءَ سان محبت پڻ شامل آهي ته انسان جي ازلي انسيت پڻ سندس شاعريءَ ۾ اوس موجود آهي. هو انسان کي هڪ اهڙي مخلوق طور ڏسي ٿو، جنهن جو بنيادي ۽ ابدي رويو پيار ۽ محبت آهي. هو جتي قتل ۽ انسان سان ٿيندڙ ڪهرام ڏسي ٿو اتي تڙپي پوي ٿو ۽ ان جي نندا ڪري ٿو. مجموعي طور جيڪڏهن شيخ اياز جي شاعريءَ جو چيد ڪيو ويندو ته اسان کي معلوم ٿيندو ته سندس شاعريءَ جو مرڪزي نڪتو انسان دوستي ئي آهي.

**حوالا:**


1. ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، سنڌي ادب جو فڪري پس منظر، شاهه لطيف چيئر ڪراچي يونيورسٽي، ص 22
2. ممتاز حسين، ترجمو، مهراڻ، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 1986، ص 44
3. ساڳيو
4. ساڳيو
5. What is post humanism? Cary Wolfe, *University of Minnesota Press Minneapolis London*, page, xi
6. ڊاڪٽر شير مهراڻي، وجوديت ۽ شاهه، ڪلاچي، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر ڪراچي يونيورسٽي، جون، 2012ع، ص، 28
7. ته ماهي مهراڻ، محمد ابراهيم جويو، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 1955، ص 35
8. شيخ اياز هڪ مطالع، مرتب، جامي چانڊيو، مضمون، "اياز جي شاعري: هڪ مطالعو" سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، ص 278
9. شيخ اياز، جلد پهريون، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، 2008، ص، 191
10. ساڳيو، ص 278
11. گيڙو ويس غزل، مرتب، اسحاق سميجو، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2004ع ص، 140
12. شيخ اياز، جلد پهريون، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، 2008، ص، 347
13. شيخ اياز، جلد پهريون، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، 2008، ص،595
14. سامي سچ وڙاءِ، مضمون ، شيخ اياز هڪ عظيم شاعر، عنايت بلوچ، ص 252
15. گيڙو ويس غزل، مرتب، اسحاق سميجو، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2004ع ص، 217